(١١)

# بهِروپ

”ساڙهي سني پائي ائي آهين.“

”ڊوڙ سني آهي“ ساڙهيءَ جي چٽن کي لساربندي اِندوءَ هيٺ ساڙهيءَ جي بارڊر کي پيرن تي هلائيندي اکيون مٿي کنيون. چيائين ”منهنجي شمي وٺي آيو تہ ڪٿي پاتم نہ تہ منهنجي پسندي گهٽي اُچي آهي هھڙي ساڙهي مان تہ جيڪر ڪڏهن نہ وٺان.“ ڪملا اندوءَ کي ٿورو ڏسندي وات ۾ پيل چيفم چٻاڙي چوڻ لڳي، ”شمي تہ ماڊرن نالو ٿو لڳي. واقعي اهو نالو آهي تنهنجي گهوٽ شامداس جو ؟“

اندوءَ کلڻ لڳي. ”اڳي ڪو اسان سنڌين ۾ اهڙا سهڻا نالا هئا ڇا ؟ الائي ڇا ڇا سڏينديون هيون مائر ٻارن کي - مرچو، پگڙو، ڪلو، منو ... هنجو بہ نالو شآمداس آهي، پر مونکي شمي نالو پسند اچي ويو. ڏسي نہ شامداس .. هيڏو ڊگهو نالو ڪٺڻ ڪان شمي ڪهڙو ننڍو ۽ ملائم احساس پئدا ڪندڙ آهي .....“

”اڇا“ ٺهڪ ڏنو ڪملا، ”وياڪيا تہ اهڙي ڪري ويئي آهين شمي نالي جي جو هاڻي تہ تنهنجي گهوٽ کي ڏسڻ

شميءَ سمجهو سندس لفظ آهستي چيل آهن جي رڳو اندوءَ ٻڌا هوندا، پر ائين ڪين ھو ڪملا بہ لفظ ٻڌا ڪنن کي ھٿ ڏيئي شوڪيس جي ٻئي پاسي هلي ويئي ۽ وچي ميز تان اخبار کڻي ڪوچ تي ويھي پڙهڻ لڳي.

ايتري ۾ اندوُ شوڪيس جي هن پاسي اچي، ڪملا کي ٻانهن کان جهڪي ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويئي چيائين، ”دل ۾ تہ نہ ڪئيہ ڪملا.“

”ڇا ڪنديس دل ۾ ؟“

”اهو ئي شميءَ جو ڳالهائڻ“

”دل ۾ ڪرڻ سان ڪو فائدو تہ ٿيندو ئي ڪين منهنجو هڪڙو ٻاءُ بہ ان قسم جو آهي. شڪر منهنجي مڙس جو ڳالهائڻ ڏاڍو پالش ٿيل آهي ....“

”اهو جيڪر ڇا چوي ها.“

”اهو جيڪر هيءَ وري ڪير گهرائي اٿيئي بدران چوي ها، ’تنهنجي ساهيڙي آئي آهي ڇا اِندو ؟ تون خاطرداري ڪريس مونکي بئنڊ ايڊ ڏيئي وڃ تہ لڦ تي هڻان.“

ٿڌو ساهہ کڻي اندوُ چپ ٿي ويئي. پير سان زمين کوٽڻ لڳي. کيس ائين ششلر ٿيندو ڏسي ڪملا چيو، ”تون پاڻ دل ۾ نہ ڪر. ٻڌو نہ اٿيئي ’تلسي اِس سنسار ۾ ڀانت ڀانت کي لوگ. سبسي هل مل رهيئو ندي ناو سنجوڳ.“

اندوُ سندس هٿ وٺي پنهنجي هٿ ۾ دبائي شڪر ادائي ڀري، نظر سان ڪملا طرف نهاريو ۽ ٻئي ڪمري ۾ مڙس جي پٺي ڪرڻ هلي ويئي.

شمي لڪ تي ڦوڪون ڏيئي ٻاڙهي دوا پٽي سڪائي.
اندوءَ چيو ”پير هيڏانهن ڪريو ٻئنڊايڊ ڪلي ڇڏيان.“
”هيڏانهن ڏي ٻئنڊ ايڊ مان پاڻيهي ٿو ڪٽان، پهرين وڃي ساهيڙيءَ جي چمچاگيري ڪر...“
”تون ناراض ڇو ٿو ٿين. هڪ ته مون سمجهو هو اڄ تنهنجي ڊيوٽي آهي. مونکي موڪل آهي انڪري ساهيڙيءَ کي گهرايم.“
”توکي موڪل آهي انڪري ساهيڙي کي گهرائي. هڪڙو ڏينهن به نه ٿي انهن ڇورين کانسواءِ رهي سگهين“
اندوءَ ڪسجندڙ ٻڪري واريون اکيون مٿي ڪيون، چپ چاپ هلي ويئي، ٻئي ڪمري ۾. ڪملا پرس هٿ ۾ ڪنيو ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار بيٺي هئي.
اندوءَ مرڪندي چيو، ”ويهه اُٿي ڇو بيٺي آهين؟“
ڪملا مونجهاري ۾ ڪرسيءَ جي ڪني تي ويٺي. سندس نظرن اندوءَ کي ڇڻ ٻراهڙي پاتي. اندوءَ اکيون جهڪائي ڇڏيون.
ڪملا چيو، ”مردن جي موڊ ڪڏهن اهڙي ٿيندي آهي تون ويچار نه ڪر. شامداس کي صحيح موڊ ۾ ڏسڻ لاءِ وري ڪڏهين ايندي‌س.“
”وري ڪڏهن!“ ڇڙڪ ڀرجي ويو اندوءَ کان. ڪملا هلي ويئي. اندو سندس پنيان نهاريندي دروازي ۾ بيٺي سوچي رهي هئي، ”ائين ڇو آهي زال گهر ۾ قدم رکي ته سندس مٿي تي ٽڪڻ رکي، ڪير ڇٽائي پوءِ ساهرن ۾ اڇڻ ڏينس. مڙس لاءِ لاڏا ٻائين ” لاهه لُنگي ڪر ڪلهي“ الائي هي ٻي

انصافيون ماڻهن ناهيون آهن الائي آڪاس مان برسيون آهن...." گهوماڻيل آڪاس بنا جواب ڏيڻ جي مٽي بيلو هو. اندو در بند ڪري شميءَ وٽ هلي آئي.

شامداس پڇيو، "ويئي تنهنجي چيغم چنبڙي ؟"

اندوءَ اکيون کڻي مڙس طرف نهاريو.

"ڇو ڪوڙ ٿو چوان ؟ جو ائين ٿي نهارين ؟"

اندوءَ جواب ڪونه ڏنو. وڃي رنڌڻي ۾ ڪوپ پليٽون صاف ڪرڻ لڳي. اوچتو پنهنجي چوٽيءَ کي ڇڪجندو محسوس ڪري منهن ورايائين ته شمي بيٺو هوس. چوڻ لڳو، "ڇو توکي مڙس کان وڌيڪ رڌڻو پيارو آهي ؟"

اندوءَ ڏندن جي برش سان ڪوپن جي تري وٽان چميل ملي پئي لاٿي. چمڪندڙ ڪوپ ڏيکاري شامداس کي چيو، "ڏسو ڪيڏو چمڪي پيو آهي."

"ويني انهن کي ئي چمڪاءِ ... مان وڃان ٿو."

اندوءَ تڪڙ ۾ هٿ اگهيا، پر شمي در تائين پهچي ويو اندو وري به اچي پاهرئين دروازي وٽ بيٺي. مڙس کي ويندو ڏسي رهي هئي. پري ڪٽي آسمان ۾ ڏرتي گڏ گڏ پئي نظر آيا. ڪوئي ڪارو ڪڪر اُپ تي ڇائنجڻ لڳو ته اندو تڪڙ ۾ دروازو بند ڪري اندر هلي آئي.

(اپريل ٢٠٠١)